خبرنامو
سنڌي ٻولي
حيدرآباد

جولاءِ 2024ع کان جنوري 2025ع

جلد 24: شمارو: ڇيون 2024ع

Email: khabarnamo@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org

چيئرمئن:
ڊاڪٽر اسحاق سميجو

سيڪريٽري:
ڊاڪٽر احسان دانش

ايڊيٽر:
شوڪت چاچڙ
سليم جروار

ڀاڱين ڀيلي:
نغما ابڙو

گرافڪس ڊزائينر:
فيصل ميمڻ

# اداريو

خبرنامي ’سنڌي ٻوليءَ‘ جو تازو شمارو اوهان جي هٿن ۾ آهي، جنهن ۾ گذريل ڇهن مهينن جي سرگرمين جو احوال تصويرن سان شامل آهي، معمول جي سرگرمين کان علاوه ٻه اهم پروگرام هن ڇهه ماهيءَ ۾ ٿيا، جن مان هڪ اداري پاران وفاقي راڄڌانيءَ اسلام آباد ۾ منعقد ڪيل شاندار ڪانفرنس ”ڀارن جو شاهه لطيف ميلو“ نمايان آهي. اداري جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو صوبي کان ٻاهر گاديءَ واري هنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي عظيم ۽ آفاقي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو پيغام، ملڪ جي نئين نسل تائين پهچائڻ لاءِ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ سنڌي، اردو، پنجابي، بلوچي، سرائيڪي ۽ پشتو ٻوليون ڳالهائيندڙ ٻارڙن پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پنهنجي پنهنجي معصوم انداز سان ڀٽائيءَ جو ڪلام پڙهيو. تقريرون ڪيون، چترڪاري ڪئي ۽ سُر پڻ وڪيريا. اڪيڊمي ادبيات جو مکيه هال رات دير تائين ڀريل هئڻ، ان ڪاج جي ڪاميابي ۽ اداري پاران سنڌي ٻوليءَ جي ملڪي سطح تي پرچار ڪرڻ جي ثابتي آهي.

هن ئي ڇهه ماهيءَ ۾ ٻيو اهم ميڙاڪو هڪ مذاڪري جي صورت ۾ ٿيو جنهن ۾ موجوده دور جي بدلجندڙ گهرجن تحت ساڃاهه وندن آڏو هڪ سوال رکيو ويو ته ”ڇا رومن لپيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جي سهڪاري لپيءَ طور اختيار ڪري سگهجي ٿو؟“ ان مذاڪري ۾ سنڌ جي ناميارن علمي ادبي شخصيتن جيڪي ويچار ونڊيا، سي تفصيل سان هن پرچي ۾ شامل ڪيل آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي موجوده انتظاميا اڳي کان اڳيرا قدم کڻندي، اداري کي پنهنجي نصب العين تحت سرگرم رکڻ ۾ ان ڪري ٻه ڪامياب آهي، جو ان وٽ خلوص، ڏور رس نظر ۽ پنهنجي ٻوليءَ سان عشق آهي. ان کان ٻه اهم سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، تحفظ، واهپي ۽ ان کي درپيش امڪاني خطرن جو ادراڪ پڻ آهي.

ايڊيٽر

ڇپيندڙ: آڪاش پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد












# ”ٻارن جو شاهه لطيف ميلو“

## اسلام آباد

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اسلام آباد ۾ هڪ شاندار پروگرام ٿي گذريو. 2 نومبر 2024ع تي، اڪيڊمي ادبيات جي سهڪار سان اسلام آباد ۾ هڪ ڏينهن جو ”ٻارڙن لاءِ شاهه لطيف جو ميلو“ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ چئني صوبن جي ٻارڙن کان علاوه ملڪ جي مختلف عالمن، ساڃاهه وندن ڀرپور شرڪت ڪئي.

ميلي جو افتتاح سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين سيدال خان ڪيو. ان موقعي تي خيالن جو اظهار ڪندي ساڃهه وندن چيو ته ”ملڪ ۾ امن، ڀائيچاري ۽ امن جي پيغام کي وڌائڻ لاءِ شاهه لطيف، بلي شاهه، رحمان بابا جهڙن شاعرن جي شاعريءَ ذريعي ڏنل پيغام کي عام ڪرڻو پوندو. هنن چيو ته شاهه لطيف امن سهپ رواداري ۽ مُحبتن جو جيڪو درس ڏنو آهي، انهيءَ کي پوري عالم تائين پکيڙڻ ۽ لطيف شناسائي کي علم جو درجو ڏيڻ جي ضرورت آهي.

خاص مهمان طور سينيٽ آف پاڪستان جي ڊپٽي چيئرمئن



**سيدال خان** تقرير ڪندي چيو تہ شاھہ لطيف هن ملڪ جو عظيم شاعر آهي، جنهن هر موضوع تي شاعري ڪئي، سندس پيغام ۾ انسانيت سان محبت جو درس ڏنل آهي، هن وقت شاھہ لطيف جو پيغام پوريءَ دنيا تائين پکيڙڻ جي ضرورت آهي. هن چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي جس هجي جنهن اسلام آباد ۾ اچي هي ميلو مچايو ۽ ان ذريعي ملڪ جي مکيہ ٻولين ۾ شاھہ لطيف جي شاعري جو پيغام پهچائي، هڪ بهتر ۽ مثبت روايت جو بنياد وڌو آهي، اسان کي اهڙين سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ گهرجي.

اداري جي چيئرمئن **ڊاڪٽر اسحاق سميجي** چيو تہ ”هن ميلي جو مقصد ٻارن ذريعي لطيف جو پيغام پوري ملڪ تائين ڦهلائڻ آهي، اسلام آباد ۾ سمورين ٻولين جي ڳالهائيندڙن جي دلچسپي ۽ سندن ڪٽنبن سميت شرڪت اسان جو حوصلو وڌايو آهي. هن چيو تہ لطيف جو پيغام عام ڪرڻ ۽ نئين نسل تائين منتقل ڪرڻ لاءِ لطيف شناسائي کي علم جو درجو ملڻ گهرجي.

اڪيڊمي ادبيات جي چيئرپرسن ڊاڪٽر **نجيبہ عارف** چيو تہ شاھہ لطيف رڳو سنڌ نہ پر پوري عالم جو شاعر آهي. سندس امن آشتي ۽ محبتن جي پيغام کي نئين نسل تائين پهچائڻ لاءِ هن قسم **جا** پروگرام مددگار ثابت ٿيندا. اهڙن پروگرامن جي آجيان ڪرڻ گهرجي.

ناليواري دانشور **نصير ميمڻ** چيو تہ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ لطيف جو پيغام پکيڙيو وڃي پر اسان وٽ لطيف اڪثرجا ميلا لڳائي رڳو ميڊيا تي چند سيڪنڊن جون خبرون هلايون وڃن ٿيون تہ شاھہ صاحب جو عرس ملهايو ويو. پر سندس ڪلام ۽ فلسفي کي نئين نسل ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ هن قسم جو ميلو پهريون ڀيرو ٿيو آهي. هن چيو تہ جيڪڏهن ملڪ ۾ امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو ماحول پيدا ڪرڻو آهي تہ شاھہ لطيف، بلي شاھہ، رحمان بابا سميت سمورن شاعرن جي پيغام کي عام ڪرڻو پوندو. هن چيو تہ ڀٽائيءَ جو پيغام ۽ سنڌي ٻولي ڊجيٽل صورت ۾ بہ عام ٿيڻ گهرجي.

نالي واري محقق **ڊاڪٽر سحر گل مُک** تقرير ڪندي چيو تہ لطيف جي شاعريءَ









کي سمجهڻ لاءِ تياريءَ جي ضرورت پوندي آهي ۽ اڄ هن تقريب ۾ شامل نئين ٽهيءَ جي دلچسپي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته اسان جو نئون نسل اها تياري ڪري چڪو آهي. ڀٽائيءَ جا بيت اڄ جي سماج ۾ به مشعل راهه بڻيل آهن. ڀٽائيءَ جي آئيڊيلزم کي سمجهڻ ضروري آهي. هن جي شاعريءَ ۾ سڌا توڙي اڻ سڌا سنيها موجود آهن.

اداري جي سيڪريٽري **ڊاڪٽر احسان دانش** ان موقعي تي چيو ته "شاهه لطيف هڪ فرد نه بلڪ هڪ ادارو آهي، جنهن تي پوڻا ٽي سئو سال گذرڻ باوجود اسان کي فخر آهي. هي پروگرام اهو وڪر ثابت ٿيندو جيڪو پئي پراڻو نه ٿيندو ۽ اهڙين سرگرمين سان ايندڙ نسلن جي آبياري پئي ٿيندي.

هن ميلي ۾ ٻارڙن جي دلچسپيءَ لاءِ جادوئي تماشو (ميجڪ شو) ۽ پتلي تماشو (آڪاٽي ناٽڪ) ۽ راڳ رهاڻ به منعقد ٿي. جڏهن ته سنڌ جي مختلف شهرن مان آيل ٻارڙن ۽ اسلام آباد جي مختلف اسڪولن جي ٻارڙن شاهه لطيف جي شاعريءَ تي ٽئبلو پيش ڪيا ۽ شاهه لطيف جي شاعريءَ تي مصوري ڪرڻ سان گڏ سوالن جوابن واري سرگرمي ۾ زبردست مقابلو ڪيو. جڏهن ته سنڌي،اردو، پشتو، پنجابي، بلوچي، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ٿيل تقريري مقابلي ۾ پڻ حصو ورتو. تقريري مقابلي ۾ پهريون نمبر انعام گهوٽڪيءَ کان آيل نياڻي تحريم بتول(سنڌي تقرير)، ٻيون نمبر شير علي (اردو تقرير) ۽ ٽيون نمبر محمد احسن گهمرو (انگريزي تقرير) حاصل ڪيو. جڏهن ته ٻارڙن مختلف ٻولين ۾ شاهه لطيف جي ترجمو ٿيل شاعري پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پيش ڪئي. جن ۾ واسُو خان (سرائڪي ترجمي سان بيت)، بالاچ پناهه بلوچ (بلوچي ترجمي سان بيت)، بينظير ميمڻ (انگريزي ۾) ۽ سڳنڌ عزيز بلوچ خوبصورت انداز ۾ شاهه جا بيت پڙهي داد حاصل ڪيو.

آخر ۾ راڳ رهاڻ ٿي، جنهن ۾ نامور راڳي رفيق فقير کان علاوه راڳي ٻارڙن جانب سومرو، انتخاب ۽ راحت ٻڙدي، آمنه چانڊيو، معراج خان، سهراب فقير جونيئر(سُنگ) ۽ دل حسين چاچڙ لوڪ ۽ جديد انداز ۾ شاهه لطيف جي شاعري ڳائي، محفل کي رنگين بڻايو. ان موقعي تي مختلف سرگرمين ۾ اٽڪل 42 ٻارڙن حصو ورتو. هي ميلو صبح جو يارهين وڳي کان رات جو نائين وڳي تائين جاري رهيو ۽ اڪيڊمي ادبيات جو هال سڄو ڏينهن ڀريل رهيو.



# مذاڪرو

## ڇا سنڌي ٻوليءَ لاءِ رومن لپيءَ کي سهڪاري لپيءَ طور اختيار ڪجي؟

19 آڪٽوبر 2024








سنڌي ٻوليءَ جي عالمن، ماهرن، اديبن ۽ سنڌي ڪمپيوٽنگ سان لاڳاپيل ماهرن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو آهي ته جديد دور جي گهرجن، لکارن ۽ عالمي سنڌي جاتيءَ وچ ۾ رابطي ڪاريءَ لاءِ موجوده سنڌي عربي لپيءَ کي پنهنجي اصل حيثيت ۽ مقام سان قائم رکندي، رومن لپيءَ کي سهڪاري لپيءَ طور اختيار ڪرڻ گهرجي، جيئن دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين وچ ۾ ڳانڍاپو قائم ٿي سگهي.

19 آڪتبر 2024ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سڏايل مذاڪري "ڇا سنڌي ٻوليءَ لاءِ رومن لپيءَ کي سهڪاري لپيءَ طور اختيار ڪجي؟" ۾ اهڙن خيالن جو اظهار سامهون آيو.

اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي مذاڪري جا مقصد ٻڌائيندي چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو بنيادي ڪم ٻوليءَ کي درپيش مسئلن ۽ سوالن جي حل لاءِ ڪوشش ۽ ڳولا آهي. رومن لپي ٽيڪنالاجيءَ وسيلي غير محسوس طريقي سان پنهنجي جاءِ والاري رهي آهي، پر ان لاءِ ڪنهن به واحد، معياري ۽ عالمن ۽ ماهرن پاران طئي ڪيل الفابيٽ جي غيرموجودگي ٻوليءَ جي استعمال ۾ بگاڙ جو ڪارڻ بڻجي رهي آهي. هن چيو ته لکت ٻوليءَ جو لباس آهي ۽ ٻولي ۽ لکت به الڳ شيون آهن. 195 ملڪن مان 132 ملڪن جي سرڪاري لپي رومن آهي، جڏهن ته 13 ملڪ رومن سميت ٻه ٻه اسڪرپٽ استعمال ڪن ٿا. هن وقت دنيا ۾ ستر سيڪڙو ماڻهو رومن اسڪرپٽ جو استعمال ڪري رهيا آهن. ان ڪري اهو مسئلو رڳو اسان جو نه پر عالمگير آهي. اسان وٽ خانگي اسڪولن ۾ پڙهيل توڙي عام ماڻهو به رومن موبائيل فون وسيلي رومن استعمال ڪري رهيا آهن ۽ انهن کي روڪڻ ڪنهن جي به وس ۾ نه آهي. ان ڪري ان لاءِ ڪو معيار جوڙڻ گهرجي. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي ٻولي ڳالهائي ته سگهن ٿا، پر اهي موجوده لپي لکي ۽ پڙهي نٿا سگهن. انڊيا ۾ ديوناگري استعمال ڪئي پئي وڃي. ٻين ملڪن ۾ ته سنڌي پڙهائي ئي نٿي وڃي. ان صورت ۾ سڄيءَ دنيا جا سنڌي هڪ ٻئي سان ڪيئن جڙن ۽ مستقبل ۾ هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ سمجهندڙ ڪيئن رهن؟ انهن سوالن کي حل ڪرڻو پوندو. البته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو سرڪاري لک پڙهه توڙي تعليمي ذريعي طور عربي سنڌي لپيءَ جي حق ۾ آهي ۽ ان جي تحفظ لاءِ ئي پنهنجو ڪردار ادا ڪندو.

انعام شيخ چيو ته گذريل ڏهن سالن ۾ دنيا ۾ جيڪي تبديليون آيون آهن، سي اڳين پنجاهه سالن ۾ نه آيون هيون. اسان چاهيون يا نه چاهيون، ته ٽيڪنالاجي اسان کي لتاڙي اڳيان نڪري ويندي. اهو اسان تي آهي ته ان تي چپ هڻي ويهي رهون يا ان کي منهن ڏيڻ لاءِ رٿابندي ڪريون. هن چيو ته هيءَ دنيا ۽ مارڪيٽ مقابلي جي آهي. ٻولين کي بزنيس ۽ واپار ڪنٽرول ٿو ڪري. اسان کي جائزو وٺڻو پوندو ته اسان ڪٿي بيٺا آهيون. هي "ايج آف آئيڊياز" آهي. هڪ مئٽرڪ جو ٻار به آئيڊيا وسيلي هر مهيني لکين روپيه ڪمائي سگهي ٿو. اسان جي ٻوليءَ جي ڪا مالڪي ناهي. لپي ته نهيو، قومي وسيلن ۽ ٻين معاملن ۾ ديوار سان لڳايل آهيون. ان ڪري اسان کي دنيا سان گڏ تبديل ٿيڻو پوندو. اسان کي انڊيا، ملائيشيا، سائوٿ ڪوريا ۾ وينل سنڌيءَ سان ڳنڍجڻو آهي ته نئين لپيءَ لاءِ سوچڻو پوندو.









اڪثريتي نئون نسل اڳ ئي رومن استعمال ڪري رهيو آهي. اسان کي عالمي سنڌي ٻڌيءَ لاءِ غور ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ٻوليءَ کي اداراجاتي پنيرائي ۽ معياري هڪ جهڙائي پيدا نہ ٿي تہ ٻوليائي مونجهارن کان پوءِ سنڌي سماج ۾ نوان نفسياتي مونجهارا بہ جنم وٺندا. ان ڪري اسان کي گلوبلائيزيشن ۾ جائز مقام لاءِ اڳتي وڌڻو پوندو.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ چيو تہ هن بحث جي تاريخي اهميت آهي. ڇاڪاڻ تہ 1853ع ۾ عربي لپيءَ جي حق ۾ هڪ ڪميٽي ٺاهي وئي هئي ۽ بہ سئو سالن کان پوءِ اڄ وري رومن جي حق ۾ بحث پيا ڪريون. هن چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي پهرئين، وچين ۽ آخري حرف تي بہ حرڪت آهي، ان صورت ۾ رومن لپيءَ ۾ ان مسئلي کي ڪيئن حل ڪري سگهبو. البتہ اها بہ حقيقت آهي تہ اسان جا ٻار خودبخود رومن طرف وڃي رهيا آهن ۽ اسان کي بہ دنيا سان رابطي خاطر رومن ڏانهن وڃڻو پوندو. هن موقعي تي اهو بہ سوال اٿي ٿو تہ جيڪڏهن نئين لپي اختيار ڪجي ٿي، تہ اڳ موجود مواد ۽ دستاويزن جو ڇا ٿيندو؟ هن چيو تہ گلوبل ڪلچر ۾ دنيا شهري ٿيندي پئي وڃي ۽ ٻولي رڳو رابطي جو ذريعو بڻجي رهي آهي. پر ٻوليءَ ۾ احساس، ثقافت ۽ تاريخ ٿيندي آهي. هي اينڊ آف ڪلچر، اينڊ آف هسٽري ۽ اينڊ آف لئنگئيج جو جو زمانو آهي. هن موضوع تي اڃا وڌيڪ بحث جي ضرورت آهي. هن هڪڙي ويهڪ ۾ هن موضوع کي اُڪلائي نٿو سگهجي.

ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ چيو تہ رومن اسڪرپٽ بابت 1836ع ۾ بہ ڪوشش ڪئي وئي هئي. مختلف عالمن ان ڏس ۾ ڪم ڪيو آهي. البتہ عربي سنڌي اسڪرپٽ ۾ جيڪو ڪم ٿيو آهي، اهو قابل فخر آهي. رومن اسڪرپٽ کي پلي سهڪاري طور اختيار ڪجي، پر بنيادي حيثيت عربي سنڌي لپيءَ کي ئي حاصل هجڻ گهرجي.

ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي چيو تہ ٻوليءَ کي ٺاهيندو بہ سماج آهي ۽ ماريندو توڙي جيئاريندو بہ سماج ئي آهي. دنيا ۾ جيڪي 7000 ٻوليون هيون، تن مان هڪ هزار ختم ٿي چڪيون آهن ۽ هاڻ 6000 بچيون آهن. ٻولين کي رابطي واريون ٻوليون ماري رهيون آهن. دنيا جون ڪئين ٻوليون رومن تي اچي ويون آهن. هاڻ عربيءَ جي ٺيٺ لهجن سان گڏ قرآن شريف بہ رومن ۾ اچي ويو آهي. اسان جيئن تہ لطيف جو معياري ترجمو بہ ناهي ڪيو ان ڪري دنيا جا ماڻهو پڇن ٿا تہ لطيف ڪير آهي. رومن لپي انهن مسئلن حل ڪرڻ ۾ مدد ڪندي. هن چيو تہ ڪيتريون ئي ٻوليون تيزيءَ سان ختم ٿي رهيون آهن، ڇو تہ اهي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال کان پريرو بيٺيون آهن. ٻوليون اهي بچي سگهنديون، جيڪي جدت کي اختيار ڪنديون. رومن اسڪرپٽ هن وقت اڌ کان وڌيڪ دنيا ۾ لاڳو ٿي چڪو آهي. اسان وٽ ڪئين لکارون آهن. اسان جو ماڻهو رومن اردوءَ کي تہ استعمال ڪري ٿو، پر رومن سنڌيءَ کي نہ. اهو هڪ لحاظ کان وڏو نقصان آهي. سڀ کان پهريان کي بورڊ ٺاهجي، هڪڙي ٽيم هجي، جيڪا صوتيات يعني آوازن تي ڪم ڪري ۽ بهترين گڏ پٽي ٺاهي وڃي.

مختيار احمد ملاح خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ، ڪا بہ ٻولي هميشہ هڪ ئي لپيءَ ۾ نہ لکي وئي آهي. سنڌي ٻولي بہ وقت سان گڏ اسڪرپٽ مٽائيندي رهي آهي. انگريز دور کان اڳ بہ سنڌي ٻولي ۾ رومن ۾ لکي ويندي هئي. عربي رسم الخط بهترين نموني پنهنجو ڪارج ادا ڪري پئي، پر موجوده دور جي هڪ للڪار آهي، جنهن کي ڏسڻ گهرجي. غير سرڪاري سطح تي ئي، پر رومن لپيءَ جو هڪ معياري نمونو هجڻ گهرجي.

سيد اظهر شاهہ چيو تہ لپي سماجي لسانيات سان واسطو رکي ٿي.

يورپ، چائنا توڙي جپان ۾ هڪ کان وڌيڪ اسڪرپٽ استعمال ٿي رهيا آهن. بلڪ اسڪولي تعليم به ٻن اسڪرپٽ ۾ ڏني پئي وڃي. اسان وٽ به موهن جي دڙي جي دور کان وٺي هر دور ۾ الڳ الڳ اسڪرپٽ استعمال ٿيا آهن. عرب دور جي هڪ سياح ابن نديم موجب ته ان دور ۾ سنڌ ۾ هڪ ئي وقت 200 رسم الخط هلندڙ هئا. مطلب ته سنڌي ماڻهو پنهنجي ڏاهپ ۾ ايترو اڳ پرو هو.









انٽرنيٽ تي رومنائيزڊ سنڌي جي هڪ ويب سائيٽ موجود آهي، جنهن جا ميمبر سڄيءَ دنيا ۾ آهن. ان اداري توڙي رومن لپيءَ جو استعمال ڪندڙ مختلف ادارن سان گڏجي هڪ معياري لپي جوڙڻ گهرجي. گڏوگڏ ٻئي لپيون اسڪولن ۾ ٻارن کي تجرباتي طور پڙهائي ڏسجن، جيئن ان جي معيار کي جاچي ڏسجي. ڊاڪٽر مبارڪ لاشاريءَ چيو ته: هي مباحثو ثابت ڪري ٿو ته اسان هڪ زنده معاشري ۽ زنده ٻوليءَ جا وارث آهيون. هن چيو ته انڊونيشيا ۾ 10 هزار سنڌين جي آبادي رهي ٿي. جيڪي سنڌي ڳالهائي ته سگهن ٿا، پر لکي پڙهي نٿا سگهن. انهن لاءِ رومن اسڪرپٽ آساني پيدا ڪندو. رومن اختيار ڪرڻ سان دنيا جي پنجاهه سيڪڙو آباديءَ سان ڳنڍجي وينداسين ۽ ٻوليءَ جي نمائندگي بهتر ٿيندي. دنيا ۾ ڪا به ٻولي اسڪرپٽ بدلائڻ سان ناهي مُئي. سڀ کان وڏو مسئلو نج سنڌي آوازن جو آهي. جيڪڏهن اسان انهن لاءِ متبادل نشانيون طئي ڪري ٿا وٺون، ته سڀ خدشا ختم ٿي ويندا.

منوج ڪمار چيو ته، اڄوڪو سوال اسان جي وجود سان واسطو رکي ٿو. ٻاهر رهندڙ سنڌي ٻوليءَ جو واهپيدار عربي لپي نٿو لکي پڙهي. جيڪي انڊيا لڏي ويا، تن جو نئون نسل ته عربي لپي نٿو پڙهي سگهي، پر جيڪي اسلام آباد لڏي ويا آهن، انهن جا ٻار به نٿا پڙهي سگهن. اهي به سنڌي ٻار آهن، جن کي ٻوليءَ سان جوڙڻو پوندو. ان ڪري اها اسان جي مجبوري به آهي ته رومن اسڪرپٽ اختيار ڪجي. پر ان لاءِ جيڪا پٽي ناهي وڃي، اها هر لحاظ کان سولي هجي. ان لاءِ ٻين ٻولين جي ماهرن کان به مدد ورتي وڃي.

ڊاڪٽر رياضت ٻرڙي چيو ته، اهو طئي آهي ته تجويز ٿيندڙ لپي مخصوص معاملن لاءِ استعمال ٿيندي. اسان جي ٻوليءَ جا آواز ٻيا نٿا سمجهن، ان ڪري انهن کي حل ڪرڻ هڪ اهم مسئلو آهي. اهڙو اسڪرپٽ ڏهي، جيڪو صحيح سنڌي آوازن جي نمائندگي ڪري. ان ڪري ٻولي ۽ ڪمپيوٽر جي ماهرن جي گڏيل گڏجاڻي ڪوٺائي، رومن اسڪرپٽ کي حتمي شڪل ڏني وڃي.

ادريس جتوئيءَ چيو ته، رومن لپيءَ لاءِ ثانوي بجاءِ سهڪاري لپيءَ جو اصطلاح وڌيڪ درست آهي. عربي لپي سنڌيءَ جون لڳ ڀڳ سڀ گهرجون پوريون ڪري ٿي. تنهنڪري ان سان ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ کان سواءِ رومن کي سهڪاري طور اختيار ڪرڻ ۾ ڪو عيب نه آهي. هن موضوع تي لڳاتار ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. لسانيات جا ماهر ۽ ڪمپيوٽر جا ماهر ان حوالي سان رهنمائي ڪري سگهن ٿا.

امر فياض ٻرڙي چيو ته جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ٽرانسليشن سان گڏ ٽرانسلٽريشن به اچي وئي آهي. گوگل تي سنڌيءَ جو رومن ۾ به ترجمو ٿئي ٿو. شاهه جو رسالو هن وقت رومن ۽ گرمکيءَ ٻنهي ۾ موجود آهي. اسان جي ڪوشش کان علاوه گوگل تي رومن پاڻمرادو رائج ٿيندي پئي وڃي. چيٽ جي پي ٽي سنڌيءَ ۾ جواب ڏئي ٿي. سنڌيءَ ۾ سوال ڪيوس ته جواب ڏئي ٿي ۽ رومن ۾ به ڪري ٿي ڏئي. ان ڪري رومن جي وڌندڙ ازخود استعمال کي ڪير به روڪي نه ٿو سگهي. هن چيو ته انگريزيءَ جا اکر 26 ۽ آواز 44 آهن. عربيءَ جا آواز 36 ۽ اکر 28 آهن. سنڌيءَ کي به ايئن ڏسڻ گهرجي. هن وقت فقط او. سي. آر ۽ ٽرانسلٽريشن کي بهتر بنائڻ جي ضرورت آهي.

شبير ڪنڀار چيو ته ٽيڪنالاجيءَ ۾ ضرور وڃڻ گهرجي ۽ رومن هڪ سنو ذريعو آهي، پر ٽيڪنالاجيءَ ۾ تڏهن وينداسين، جڏهن ٽيڪنالاجيءَ جون گهرجون پوريون ڪنداسين. اسان جي ڄ، ڃ، ڳ، ڱ ۽ ڻ جهڙن آوازن کي رومن ۾ اچارڻ ڏکيو آهي، پر رومن تي ڪم ڪندڙ مختلف ادارن سان گڏجي حل ڳولڻ گهرجي ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ رومن اسڪرپٽ مددي هجڻ گهرجي.

زبير سومري چيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اڳ ۾ ئي ڪيترا مونجهارا آهن. لهجن، آوازن ۽ اعرابن جا مسئلا حل ٿي نه ٿيا آهن. ان جاءِ تي وري نئون مونجهارو پيدا نه ڪجي ته بهتر آهي. 52 اکرن کي 26 اکرن ۾ منتقل ڪرڻ مناسب ناهي. فقط ڪمپيوٽر جي گهرجن لاءِ رومن لپي اختيار ڪجي.

ان موقعي تي نواب علي راهو، پروفيسر مشتاق احمد چنا، محمد يوسف جويي پڻ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. مذاڪري جي ڪارروائي اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش هلائي.

***

آن لائن مباحثا

# ”سوشل ميڊيا تي سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ“




سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران 2 آگسٽ 2024 تي ”سوشل ميڊيا تي سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ: تجويزون ۽ حل“ جي عنوان هيٺ آن لائن مباحثو ٿيو. جنهن ۾ سنڌي ڪمپيوٽنگ جي ماهر امر فياض ٻرڙي چيو ڳالهائيندي چيو ته ’سنڌي ٻوليءَ کي خطرو ناهي، اها محفوظ آهي، ڇو ته سنڌي ٻولي ڪنهن به رياست جي يا قومي ٻولي نه هئڻ باوجود مصنوعي ذهانت، چيٽ جي بي ٽي جي انهن 98 ٻولين ۾ شامل آهي، جن ٻولين تي چيٽ جي بي ٽي جو پروگرام هلي ٿو. مصنوعي ذهانت هاڻ سنڌيءَ ۾ جواب ڏئي ٿي، هاڻ ڪارپس ۾ سنڌيءَ جي مواد کي وڌائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته ميڊيا هائوسز، نصاب تيار ڪندڙ ادارن ۽ علمي ادبي ادارن لکت ۾ جيڪي شيون ڇپجن ٿيون، انهن کي آن لائن ڪجي، يونيورسٽيون پنهنجي شاگردن تي ذميواري رکن ته ٿيسز ۽ ٻيو ڪم سنڌي ۾ لکن ۽ اهو مواد به آن لائن ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح ٻوليءَ جا سفير چونڊجن ۽ ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ ادارن توڙي فردن جي همت افزائي لاءِ ايوارڊ رکجن ته جيئن درست سنڌي مواد وڌ کان وڌ آن لائن ٿي ڪارپس ۾ وڃي. هن چيو ته سڀ کان پهرين ٻول تري ناهڻ گهرجي، ان سان ئي اصطلاح مڪمل ٿيندا‘. هن آن لائن مباحثي ۾ ڳالهائيندي ناليواري شاعر علي آڪاش چيو ته ’ٻوليون مشينون نه بچائينديون، نه ئي ادارا بچائي سگهندا، ٻوليءَ کي انسان بچائيندا، لاطيني ٻوليءَ مشين وٽ ته محفوظ هوندي، پر ماڻهو وٽ اها ٻولي ناهي. هن چيو ته سنڌي اخبارون پنهنجو مواد تصويري صورت ۾ يا پي ڊي ايف ۾ آن لائن ڪن ٿيون. جنهن ڪري گهڻ پاسائون مواد ڪارپس ۾ شامل ئي نٿو ٿئي، سوشل ميڊيا تي گهٽو ڪجهه لکجي ٿو ان جي درستگيءَ لاءِ آگاهي پهچائڻ گهرجي. هن تجويز ڏيندي چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري کي تعليم کاتي سان ملائي، ان کي ڊائريڪٽوريٽ ۾ تبديل ڪري جيڪي به نصاب تيار ڪندڙ ۽ تربيتي ادارن کي ان جي نگرانيءَ ۾ ڏنو وڃي، جنهن سان ٻوليءَ جي بگاڙ وارو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو.“

هن مباحثي جي ميزبان ناليواري ليکڪا زاهدا ابڙو هئي.

# ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا مختلف لهجا“




23 آگسٽ 2024ع تي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران ”سنڌي ٻولي، خطرا، موقعا ۽ تجويزون“ جي سلسلي هيٺ ’شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا مختلف لهجا‘ جي موضوع تي آن لائن مباحثو منعقد ڪيو ويو.

ان مباحثي ۾ ڳالهائيندي سنڌي ٻوليءَ جي نامياري عالم ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ چيو ته ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ لاڙي لهجو حاوي محسوس ٿئي ٿو پر شاهه سائينءَ جيڪي سُر لکيا آهن اهو پاڻ پيرين پنڌ وڃي اڀياس ڪري، اتي جي ٻوليءَ، لهجي، معاشي مسئلن، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ڏسڻ ڪانپوءِ ان علائقي جي لهجي کي استعمال ڪيو ۽ هر سُر کي انهي پسمنظر ۾ لکيو ته جيئن عام ماڻهو ان کي تڪڙو سمجهي سگهي. هن چيو ته لطيف سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ ننڍين ننڍين مقامي لهجن ۽ لفظن کي به استعمال ڪيو جيڪي لفظ هاڻ ان علائقن ۾ استعمال ناهن ٿيندا پر لطيف انهن لفظن ۽ لهجن کي به محفوظ ڪري ڇڏيو اڄ به سندس شاعريءَ ۾ جڏهن سنڌ جي ان وقت جي جاگرافيائي حدن ڪڇ، ڀُڄ، جيسلمير، وندر، لاڙ، اتر، سمنڊ سميت جن علائقن جي ٻوليءَ ۽ لهجي کي ڏسون ٿا ته حيرت ٿئي ٿي ته انهن ۾ ڪو فرق نٿو لڳي ان ڪري ئي لطيف جي شاعري جو پنهنجو سانچو ۽ ڍانچو آهي.“

ناميارې محقق ڊاڪٽر غلام نبي سڏايي چيو ته ”جيڪي به لهجا سنڌيءَ ۾ آهن، شاهه لطيف انهن سمورن لهجن کي پنهنجي انداز ۾ پيش ڪري ان لهجن ۾ پنهنجي فڪر کي ظاهر ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي جو لطيف کي ڪوهڪ علائقو نه پر سموري سنڌ پنهنجو سمجهي ٿي. هن چيو ته لغتون هميشه وڏن شاعرن جون محتاج هونديون آهن، ڇو ته شاعر ئي لفظ جوڙيندا آهن. ڀٽائي وڏو شاعر هو جنهن پنهنجا لفظ جوڙيا ۽ ڪافي بيتن ۾ لاڙي ۽ اترادي لهجن کي گڏيل طور پڻ استعمال ڪيو.“ پروفيسر ڊاڪٽر شازيه سفير چيو ته ”شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ خوبصورت ٻوليءَ جي چونڊ ڪئي، پنهنجي داستانن کي حقيقي روپ ڏيڻ لاءِ هن اتي جا لفظ ۽ لهجا انتهائي خوبصورتيءَ سان استعمال ڪيا. هن چيو ته لطيف ماڻهن کي احساس محروميءَ مان ڪڍڻ ۽ کين سمجهائڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي، عوامي لهجن کي ڪتب آندو اهوئي ڪارڻ آهي جو جيڪي ماڻهو هڪ ڏينهن به اسڪول نه ويا لطيف انهن کي اڄ به ياد آهي. هن چيو ته لطيف احساسن کي زبان ۽ لفظ ڏنا آهن جيڪي اڄ به اسان جي زبان تي سلامت آهن.“ هن مباحثي جو ميزبان ڊاڪٽر احسان دانش هو.




# "سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي سکيا وٺندڙن ۽ خانگي استادن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب"

18 آڪٽوبر 2024ع تي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا وٺندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب ٿي گذري. تقريب جي صدارت ڪندي اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته "ٻوليءَ جهڙي عظيم ورثي سان ڳنڍيل رهڻ سان ئي تهذيب ۽ ثقافت جي بقا ممڪن ٿيندي، پنهنجي ٻوليءَ کان ڪٽجڻ ڌرتيءَ کان ڌار ٿيڻ برابر آهي." اهڙن خيالن جو هن سنڌي ٻوليءَ جي سکيا وٺندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب ۾ ڪيو. هن چيو ته ٻين ٻولين به سکڻ سان اوپرائپ جو احساس ختم ڪري چاڻ جو دائرو وڌائي سگهجي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته اردو ڳالهائيندڙ پائر– ٻيڻرون سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري مان سنڌي ٻولي سکڻ ڪانپوءِ جڏهن سنڌيءَ ۾ ڳالهائين ٿا ته بيحد خوشي ٿئي ٿي.

پروفيسر انور منصور مگريي

ان موقعي تي تقرير ڪندي چيو ته "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سکيا پروگرام نهايت ڪارائتو ثابت ٿيو آهي، جنهن جي وڌيڪ تشهير جي ضرورت آهي ته جيئن گهڻي کان گهڻا ماڻهو سنڌي ٻوليءَ سان ڳنڍجن ۽ خانگي اسڪولن جا استاد بهتر نموني سنڌي پڙهائي سگهن."

هن تقريب ۾ سنڌي جو بنيادي سکيا وارو ڪورس ڪندڙ ٻين ٻولين جي شاگردن سنڌي ٻوليءَ ۾ تقريرون ڪيون. ساڳئي وقت خانگي استادن جو ڪورس مڪمل ڪندڙن کي پڻ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

ان موقعي تي تربيت ڪار ستار سروهي، الاهي بخش اجڻ، شوڪت چاچڙ ۽ سکيا وٺندڙن مان پروفيسر آصف ظهوري، عدنان سومري، مومنه مسرت، غلام رسول سوڍر، فيضان صديقي، اشعر شاهد، زوهيب ٻرڙي ۽ ٻين خيالن جو اظهار ڪيو.

اداري پاران سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي سکيا جي ٽه ماهي ڪورس ۽ خانگي استادن لاءِ هڪ مهيني جي ڪورس جي پنجين بيچ ڪامياب اميدوارن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

***

# سنڌي پڙهائيندڙ خانگي استادن کي سکيا ڪورس جا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

2 جولائي 2024ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران خانگي استادن لاءِ هڪ مهيني وارو ڪورس مڪمل ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب ٿي گذري. تقريب کي مخاطب ٿيندي اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته "سکيا جو عمل هر عمر ۾ انسان کي تازو توانو ۽ نئون رکي ٿو سکيائي عمل سان انسان جي وجود ۾ نون تصورن، نين سوچن، نين منزلن کي سر ڪرڻ جو خواب داخل ٿئي ٿو نوان خواب ڏسڻ ئي زنده هجڻ جي علامت آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو نوان علم، نوان هنر ۽ نيون نيون ٻوليون سکندو رهي. جيڪو به ماڻهو سکڻ جو عمل جاري رکي ٿو اهو ڪڏهن مايوس ۽ ناڪام نٿو ٿئي. هن چيو ته ٻولي فطري طور جذباتي ۽ احساساتي وابستگيءَ تي ٻيڌل آهي، پر ان جي بنيادي شين کي سکڻ به ضروري آهي، سکڻ جا در ڪڏهن به بند نه ڪرڻ گهرجن. ڇو ته ڪنهن شئي جو نه اچڻ غلط يا ڏوهه ناهي، پر ڪنهن شئي کي نه سکڻ هاڃيڪار آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جو مقصد ئي سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌ ويجهه آهي، ان لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن ڪراچي، سکر ۽ حيدرآباد ۾ بنيادي سنڌي سکيا جا مرڪز کوليا آهن ۽ خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته سنڌي سکيا جا خواهشمند دلچسپيءَ سان سکيا وٺي رهيا آهن."

سنڌي سکيا ڪورس جي استاد ۽ ٻولي ماهر ڊاڪٽر الطاف جوکيي چيو ته "تمام گهڻي خوشي ٿيندي آهي ته اداري جنهن مقصد هيٺ سنڌي سکيا جو مرڪز قائم ڪيو آهي، اهو ڪاميابيءَ سان هلي رهيو آهي، ۽ نوجوان لاڀ حاصل ڪري رهيا آهن. سکيا وٺندڙ دلچسپي ۽ شوق سان حصو وٺي رهيا آهن، جنهن جو مطلب آهي ته هي مرڪزَ هڪ ڪامياب تجربو آهن. هڪ استاد لاءِ اها ڳالهه خوشي کان گهٽ ناهي هوندي ته سندس علم سکيا ذريعي ٻين ۾ منتقل ٿي رهيو آهي.

ان موقعي تي ڪورس ڪندڙ نگار عالم عظمئ راڄپر ۽ اقصا ملاح پڻ خيالن جو اظهار ڪيو.






بچوں کا
2 نومبر
2024ع


سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد
Sindhi Language
ادارو، حيدرآباد
شاھ لطيف جو ميلو

آن لائن مباحثا

# ”سنڌو لکت جي پاڄ تي اڳ ٿيل ڪم ۽ نئين تحقيق جو جائزو“




19 ڊسمبر 2024ع تي ’سنڌو لکت جي پاڄ تي اڳ ٿيل ڪم ۽ نئين تحقيق جو جائزو‘ جي موضوع تي آن لائن مباحثي ۾ ناميار محقق عزيز ڪنگراڻيءَ ان مباحثي ۾ چيو تہ ”1922ع ۾ کوٽائي دوران سر جان مارشل هڪ شاندار تهذيب کي دريافت ڪيو ۽ ان تهذيب مان تصويري مُهرون مليون، جن تي اڄ تائين ڪوشش باوجود پاڄ ناهي ٿي سگهي. ڏيهي ماهرن ۾ عطا محمد ڀنڀري جو ڪم ڌيان ۾ اچي ٿو جنهن ترجما بہ ڪيا ۽ قديم لکت جي پاڄ جي سٺي ڪوشش پڻ ڪئي، ايئن پرڏيهي ماهرن بہ ڪم ڪيو. پر دنيا ۾ ان کي مڃيو ناهي ويو. هن ٻڌايو تہ موهن جي دڙي مان مليل مُهرن ۽ پهاڙي پٿرن تي اُڪريل علامتن ۾ فرق ڌيان ۾ اچي ٿو. مُهرن تي اڪريل علامتون مڪمل هجڻ گهرجن، اهي ناهن مليون، ان ڪري ڪوشش باوجود انڊس اسڪرپٽ ڊي ڪوڊ ناهي ٿي سگهيو ان حوالي سان مفروضا قائم ڪيا ويا آهن. هن چيو تہ سنڌو لکت جو براهميءَ يا سنسڪرت سان ڪو تعلق ناهي، اگر تعلق هجي ها تہ ماهر هن وقت ڪنهن نتيجي تي پهچي وڃن ها، هن لکت جو تعلق بنيادي طور دراوڙي ٻولين سان لڳي ٿو انهن ۾ تامل ٻوليءَ سنڌي ٻولي کي ڪافي ويجهو آهي. هن مطالبو ڪيو تہ موهن جي دڙي تي اڳ ٺهيل ڪميٽيءَ کي فعال ڪري يا نئين سِر ڪميٽي ٺاهي عالمي ماهرن کي بہ شامل ڪري جديد ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعي ذهانت جي مدد سان سنڌو لکت جي پاڄ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.“

پروفيسر رستم خاصخيليءَ ويچار ونڊيندي چيو تہ ”سر جان مارشل موهن جي دڙي مان چار هزار کن مُهرون هٿ ڪيون، جن ۾ وسيع پيغام آهي، پر هن سميت اڪثر ماهرن انهن نشانين کي فلسفياڻي سوچ سان پڙهيو. مون ويهہ پنجويهہ کن مُهرن کي براهمي الفابيٽ ۽ لسانياتي اصولن موجب پڙهيو آهي جن مان 9 مُهرن تي ڪتاب پڻ لکيو آهي. هن چيو تہ سنڌو لکت جو 90 سيڪڙو تعلق سنسڪرت سان آهي، پر ان تي مختلف نظريا ملن ٿا، ان ڪري وڏيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. هن مطالبو ڪيو تہ هڪ غير جانبدار ادارو ٺاهي ان کي تحقيق لاءِ آزاد ڇڏيو وڃي. هن آن لائن مباحثي جي ميزباني نوجوان ليکڪ ستار سروهي ڪئي.

# سنڌي ٻوليءَ جو سماجي واهپو: مسئلا ۽ حل

6 جنوري 2024ع تي ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي واهپو: مسئلا ۽ حل“ جي موضوع ٿيل آن لائن مباحثي ۾ ڊاڪٽر اعجاز علي وساڻ ڳالهائيندي چيو تہ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي سماج ۾ تبديليون آيون. شهرن جي سنڌي آبادي هتان هجرت ڪري وئي، ان وقت ٻهراڙيءَ جي آبادي 65 سيڪڙو هئي، ان کان پوءِ ٻهراڙيءَ جي اڪثر آباديءَ شهرن جو رخ ڪيو جتي مٿئين طبقي ۾ شامل ٿيڻ جي سوچ سبب ماڻهن ۾ پنهنجي مادري ٻولي بجاءِ انگريزي يا ٻي ٻوليءَ جي واهپي کي ترجيح ملڻ لڳي ۽ اهو سلسلو گهرن ۾ بہ شروع ٿيو ۽ هاڻ اهو رويو مارڪيٽ ۾ بہ آهي. هن چيو تہ دنيا جي ترقي يافتہ قومن جي ترقيءَ جو سبب پنهنجي بنيادي تعليم مادري زبان ۾ ڏيڻ آهي، ٻار کي پنهنجي ٻوليءَ طرف راغب ڪرڻ لاءِ والدين جي ذميواري بنيادي حيثيت رکي ٿي ۽ ان سان گڏ سماج کي بہ ٻوليءَ طرف رويو تبديل ڪرڻو پوندو.“

ناميار ليکڪ ذوالفقار قادريءَ چيو تہ ”اڳ اخباري ڊيسڪ تي قابل پروف ريڊر ۽ سب ايڊيٽر هوندا هئا، هاڻ بہ ڪي آهن. پر هاڻي اڪثر خبر ٺاهڻ لاءِ سيڪڙاٽ ويٺا آهن. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن وڏين سُرخين ۾ بہ ٻوليءَ جون غلطيون نظر اچن ٿيون. هن چيو تہ هر سال ثقافتي ڏينهن جيان ٻوليءَ جو ڏينهن بہ ملهائڻ گهرجي، ان سان نئين نسل ۾ ٻوليءَ جو احساس پيدا ٿيندو . ڊاڪٽر حَسِين مسرت شاھہ چيو تہ ”گهر سماج جي اڏاوت جو پهريون ڏاڪو هوندو آهي، اتي ڏسون تہ ٻوليءَ سان ڪهڙو رويو آهي؟ بدقسمتيءَ سان وڏي طبقي جي هجڻ جو تاثر ڏيڻ لاءِ ٻين ٻولين کي ترجيح ڏئي پنهنجي ٻوليءَ سان اوپرائپ وارو رويو رکيو پيو وڃي، سنڌي ٻولي شاهوڪار ٻولي آهي، جيڪا ٻين ٻولين جا لفظ بہ وٺندي آهي پر ان چڪر ۾ اسان پنهنجا نج لفظ ڇڏي ڌارين لفظن لاءِ جاءِ ڇڏيون ٿا، ايئن نہ ٿيڻ گهرجي، جنهنڪري سنڌي ٻولي مارڪيٽ جي ٻولي ناهي بڻجي سگهي. آن لائن مباحثي جي ميزباني ناميار شاعر علي زاهد ڪئي.



# شيخ اياز جي نثر ۾ ٻوليءَ جون حسناڪيون

## آن لائن مباحثو




23 ڊسمبر 2024ع تي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران "شيخ اياز جي نثر ۾ ٻوليءَ جون حسناڪيون" جي موضوع تي آن لائن مباحثو ٿيو. مباحثي ۾ ڳالهائيندي نامياري اديب تاج جويي چيو ته "شيخ اياز جي شاعريءَ کان سواءِ نثر به شاندار آهي، اياز جي نثر ۾ مشاهدا، تجربا ۽ مصوري شامل آهن، هن نثر ۾ آتم ڪٿا، جيل ڊائري، مضمون، سفرناما ۽ خط لکيا جن ۾ ڏنل تشبيهون ڪمال جون آهن، انهن مان ٻوليءَ جي حسناڪي جهلڪي ٿي. هن چيو ته اياز جي نثر مان حسين ٻولي ۽ مصوري ڳولٽي هجي ته سندس ڪتاب "ڪتي ته پيجبو ٿڪ مسافر" پڙهجي، جنهن ۾ هو ٿر جي حُسن کي شاندار نموني پيش ڪري ٿو جيتوڻيڪ هُن ٿر جو مختصر سفر ڪيو پر سندس مصور اک ٿر جي ٻوٽن، منظرن، ماحول کي محفوظ ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ٺري لهجي کي پنهنجي نثر ۾ آندو.

نامياري دانشور جامي چانڊيي چيو ته "دنيا ۾ انسان جيڪو به ادب تخليق ڪيو، ان جي شروعات شاعريءَ کان ڪئي ۽ بعد ۾ نثر لکيو ويو. نثر ۾ علم ۽ تفڪر جو هجڻ ضروري هوندو آهي، اياز سنڌي ادب ۾ نثر جي حوالي سان حسين ٻولي ڪتب آڻيندي نواڻ ۽ جدت آندي ۽ هن سنڌي ادب ۾ عالمي ادب کي متعارف ڪرايو. هن چيو ته تخليقي نثر جيڪو اياز جي خطن ۾ آهي، ان جو مثال نٿو ملي، هن پنهنجي نثر ۾ تشبيهن ۽ استعارن کي استعمال ڪري رومانوي انداز ۾ آڻي ٻوليءَ جي حسن کي وڌايو. جاميءَ موجب مون شيخ اياز کي هڪ معصوم ماڻهو محسوس ڪيو، هو ننڍي ننڍي ڳالهين تي خوش به ٿيندو هو ۽ پريشان به ٿي ويندو هو. اختصار سان ڳالهائيندو هو، هن جي گفتگو ۽ سندس لکيل نثر ۾ فرق هو، هن جو نثر ٻوليءَ جي حسناڪين ۽ رومانوي افسانويت سان سينگاريل آهي، جنهن ڪري هن جي نثر جي ٻوليءَ تي شاعريءَ جو به گمان ٿئي ٿو."




نامور شاعر ادل سومري چيو ته "شيخ اياز ماحول ۽ فطرت جو تخليقڪار هو، هُو جتي به ويو اتي جي ماحول، وڻن، پکين ۽ ٻوٽن تي خوبصورت تشبيهن سان لکيو جنهن سان سندس نثر جي ٻوليءَ وڌيڪ خوبصورت لڳندي هئي. هن چيو ته سکر ۾ وڪالت ڪرڻ دوران هو هر آچر تي باگڙجيءَ هليو ويندو هو ۽ ماحول ۽ پکين سان ڳالهائيندو هو ۽ اتي جي شاندار منظرنگاري ڪندو هو ۽ چوندو هو ته مونکي سماج سان جُڙيل رهڻو آهي. هن جي ڪتاب 'جڳ مڙيوئي سپنو' هر هڪ پني تي سندس خوبصورت ٻوليءَ جا مثال موجود آهن، هن پنهنجي نثر ۾ جيڪي استعارا ڏنا آهن ۽ ان ۾ تجنيس حرفيءَ جو حسن موجود آهي، اهڙو حسن ڪنهن ٻئي ليکڪ جي نثر ۾ ورلي نظر ايندو."

اياز شناس اسڪالر ڊاڪٽر فياض لطيف چيو ته "سٺو شاعر ضروري ناهي ته سٺو نثر به لکي، پر اياز جي نظم توڙي نثر ۾ فرق ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي، سندس نثر به نظم جيان ڪمال جو حسن ۽ رواني آهي، اياز نثر ۾ به تخليقيت، تشبيهون ۽ لوڪ رنگ ڪٽي هلي ٿو ان ڪري ئي سندس ٻوليءَ ۾ نج پڻو محسوس ٿئي ٿو. هن چيو ته اياز جتي به ويو هن اتي جي ماحول کي چٽيو ۽ نيون تشبيهون ۽ تمثيلون ڪٽي آيو. هن 'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي' ۾ طويل ۽ ڊگها ادبي خط لکيا جن جي ٻولي بي مثال آهي، پر سندس عام خط به سندس خوبصورت نثر جو نمونو آهن. اهو ڪمال صرف اياز وٽ هو، جنهن ٻوليءَ کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو."

هن آن لائن مباحثي جي ميزباني نامياري ليکڪ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش ڪئي.

# ”خانگي اسڪول ۽ سنڌي ٻولي“

## آن لائن مباحثا




17 آڪٽوبر 2024ع تي اداري جي اسٽوڊيو ۾ ’خانگي اسڪول ۽ سنڌي ٻولي‘ جي موضوع تي ٿيل آن لائن مباحثي ۾ ناميارا محقق ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، پروفيسر ادريس جتوئي ۽ ليکڪ زبير سومري شرڪت ڪئي. مباحثي ۾ ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ چيو تہ ”خانگي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي تمام گهٽ پڙهائي وڃي ٿي. ۽ خانگي اسڪول آسان سنڌي پڙهائڻ ٿا جن ۾ مذڪر مونث ۽ لهجي جو تمام گهٽ خيال رکيو وڃي ٿو. خانگي اسڪولن جا مالڪ ٻوليءَ جي معاملي ۾ سنجيده ناهن. ٻارن جي والدين کي بہ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. دنيا جا ٻيا ملڪ پنهنجي مادري ٻوليءَ کي اهميت ڏين ٿا. ادريس جتوئي هڪ سوال جي جواب ۾ چيو تہ ”سرڪاري سطح تي ٻارن کي سنڌي پڙهائي وڃي ٿي پر ڪيمبرج نصاب تحت هلندڙ مقامي اسڪولن ۾ سنڌي نٿي پڙهائي وڃي، ڪجھ خانگي اسڪول جيڪا سنڌي پڙهائن ٿا، اتي ’لازمي سنڌي‘ بدران ’آسان سنڌي‘ پڙهائي وڃي ٿي. اسان جو آئين، قانون ۽ پاليسي اسان کي سنڌي پڙهائڻ جي اجازت ڏئي ٿو تہ پوءِ والدين ۽ اسڪول ڇو سنجيده نٿا ٿين. هن چيو تہ خانگي اسڪول سنڌي ٻولي پڙهائڻ جا قانوني طور تي پابند آهن، ان تي عمل ڪن. هن وڌيڪ چيو تہ معياري تعليم لاءِ ضروري آهي اسان جو نصاب، درسي ڪتاب امتحاني نظام کي بهتر بڻايو وڃي، ماضيءَ جيان استادن جي تربيت تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي، ان ڏس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران مختلف شهرن ۾ ’سنڌي سکيا مرڪز‘ قائم ڪرڻ سٺو قدم آهي.

نوجوان ليکڪ زبير سومري مباحثي ۾ خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ ”ٻار جيترو پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ سکي ٿو ايترو ٻي ڪنهن ٻولي ۾ نٿو سکي سگهي . خانگي اسڪولن جي ’پلي گروپ‘ ۾ ٻارن کي مادري ٻوليءَ ۾ نٿو سيکاريو وڃي. ڪافي اسڪول تہ اهڙا آهن جيڪي ٻارن جي سنڌي ڳالهائڻ تي بہ پابندي لڳائن ٿا. والدين جو فرض آهي تہ اسڪول وارن کان پڇاڻو ڪن هن وڌيڪ چيو تہ يونيورسٽيءَ جي داخلا ٽيسٽ ۾ چار سوال سنڌيءَ جا بہ هجڻ کپن جيئن ٻار ٻين مضمونن سان گڏ سنڌي بہ پڙهن.“

هن مباحثي جي ميزبان نوشين اُڃڻ هئي.

# سنڌي ٻوليءَ جي دفتري استعمال ۾ رڪاوٽون ۽ حل

29 آگسٽ 2024ع تي ”سنڌي ٻوليءَ جي دفتري استعمال ۾ رڪاوٽون ۽ حل“ جي موضوع تي آن لائن مباحثي ۾ ڳالهائيندي ادريس جتوئيءَ چيو تہ ”اڄوڪو ڏينهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ سڀاڳو ڏينهن آهي. هن ڏينهن تي 1857ع ۾ سر بارٽل فيريئر سنڌ ۾ دفتري تورڙي تعليمي ڪاروهنوار ۾ سنڌي جي استعمال جو حڪم نامو جاري ڪيو. ان کان اڳ فارسي ٻولي رائج هئي. سڀ کان پهرين رچرڊ برٽن سنڌي سکڻ لاءِ درخواست ڏني ۽ انگريز سرڪار کي سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ضرورت محسوس ٿي. ان بعد صدين کان هلندڙ سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ کي ترتيب ڏيڻ لاءِ 1853 ۾ ڪم ٿيو. سنڌ ۾ نصاب تہ سنڌيءَ ۾ تعيل آهي. پر جيستائين سنڌيءَ کي سرڪاري سطح تي نافذ نہ ڪيو ويندو تيستائين مسئلا رهندا. پروفيسر انعام پٺيءَ چيو تہ ”انگريز سرڪار سنڌ جي ماڻهن سان بهتر رابطيڪاريءَ لاءِ سنڌي ٻولي رائج ڪئي، ان سان سنڌي ٻوليءَ کي هٿي ملي، سنڌ ۾ سرڪاري ملازمت لاءِ پوري هندستان ۽ انگلينڊ کان عملدار ايندا هئا، عام ماڻهن سان رابطي لاءِ وٽن اهو ضروري هو انگريزن سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻولي قرار ڏنو. پر هاڻ معياري تعليم جي نالي تي سنڌ جي تعليم مان سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪيو پيو وڃي. اسڪولن پاران والدين کي گهرائي چيو وڃي ٿو تہ گهر ۾ ٻارن سان سنڌيءَ ۾ نہ ڳالهايو. روڊ رستن تي بورڊ سنڌي ۾ ناهن.

نامياري شاعر علي آڪاش چيو تہ ”انگريز جڏهن هتي آيو تہ انهن ماڻهن جا مسئلا سڌيءَ ريت دربار ۾ ٻڌڻ گهريا ۽ سنڌ جي روينيو نظام، پوليس، عدالتن تورڙي هر قسم جو دفتري ڪاروهنوار سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيو ويو. پر هاڻ صورتحال ابتڙ آهي. هن چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جو تعلق تعليم سان هجڻ گهرجي، ٻوليءَ کي سرڪاري پاليسيءَ موجب رائج ڪرائڻ لاءِ هن اداري کي مڪمل اختيار ڏنا وڃن.“

آن لائن مباحثي جي ميزباني ثاقب ابڙي ڪئي.















# سنڌيءَ جو بنيادي ڪورس ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب

**7 جنوري 2025ع:**

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران، گورنمينٽ سيٺ ڪمال الدين اسڪول ۾ قائم ڪيل سنڌي سکيا مرڪزمان ڪورس مڪمل ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب ٿي گذري، صدارت ڪندي اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو تہ ”ٻوليءَ ماءُ وانگر ٿيندي آهي جيڪا نہ ننڍي ٿيندي آهي نہ ڪا وڏي هوندي آهي، پر اها جيتري پراڻي هوندي آهي ان ۾ علم ۽ ڏاهپ بہ وڌيڪ هوندي آهي، سنڌي ٻولي هزارين سال قديمي زبان آهي، اها سکڻ، ڳالهائڻ ۽ پڙهڻ لکڻ سان اوهين شاھ لطيف، سچل ۽ سامي کي پڙهي سگهو ٿا. هن چيو تہ اردو ڳالهائيندڙ بہ هن ئي وطن جا آهن انهن کي ڪنهن بہ بنياد تي ٻوليءَ کان ڌار نٿو ڪري سگهجي، ڀلي اسان الڳ الڳ ٻوليون ڳالهائيندا هجون پر اسان هڪ آهيون، اج خوشي ٿي رهي آهي تہ ٽن مهينن جي سکيا سان اوهان اسٽيج تي سنڌي ڳالهائي رهيا آهيو ان کي استعمال ڪرڻ سان بحال رکي سگهجي ٿو اميد آهي تہ جيڪو علم سکيا آهيو اهو ٻين تائين منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا تہ ان سان اوهان جي بہ ٻولي مضبوط ٿيندي. نامياري محقق ۽ اداري جي اڳوٽي چيئرمئن ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ چيو تہ ”اج اسٽيج تي اوهان کي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو ڏسي خوشي محسوس ٿي رهي آهي، ان لاءِ هن اداري، استادن ۽ اوهان سمورن کي مبارڪون هجن. هن چيو تہ وڌيڪ ٻوليون سکڻ سان علم ۾ اضافو ٿئي ٿو اوهان جي ٻين سان ويجهڙائپ ۽ پنهنجائپ وڌي ٿي، انگريز سرڪار جي ڪاموري رچرڊ برٽين هتي اچي 29 ٻوليون سکي سگهي ٿو تہ اسان هتي رهي سنڌي نٿا سکي سگهون ڇا؟ اوهان جي دلچسپي رهي ۽ تہ اوهان پنهنجي گهرياتين سان بہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائي سگهندا“.

اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش چيو تہ ”اوهان سڀ پنهنجي پنهنجي شعبن ۾ ڪامياب انسان آهيو ۽ جڏهن سنڌي سکڻ جي دلچسپي رکي آيا تہ اج سنڌي ڳالهائي ۽ پڙهي لکي رهيا آهيو اها ئي تہ خوشي جي ڳالھ آهي، اج جڏهن اوهان هن ڪورس ذريعي سنڌي ڳالهائي سگهو ٿا تہ هاڻ وڌيڪ ذميواري سمجهي ڳالهائيندا رهو تہ هڪ ڏينهن رواني سان ڳالهائي ۽ لکي پڙهي ويندا. سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب ۾ ڳالهائيندي هيومن رائٽس گروپ آف سنڌ جي اڳواڻ جاويد اقبال چيو تہ ”ڪجھ وقت اڳ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن سان ملاقات دوران سنڌي سکيا ڪورس جي ڳالھ ٿي ۽ گڏيل سهڪار سان ’سيٺ ڪمال الدين هاءِ اسڪول‘ ۾ مرڪز کوليو تہ علائقي جي ماڻهن دلچسپيءَ سان داخلائون ورتيون ۽ اج نتيجو سيني جي اڳيان آهي تہ سکيا وٺندڙ ڪيئن سنڌي ڳالهائي رهيا آهن. هن چيو تہ شهر ۾ سنڌي سيکارڻ جا وڌيڪ مرڪز کولڻ لاءِ اداري کي گذارش ڪنداسين.

سنڌي سکندڙ انٽر جي شاگردياڻي علوينا شهزاد، سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندي چيو تہ جڏهن داخلا ورتي تہ سنڌي نہ ايندي هئي پر مختصر ڪورس کان پوءِ اج اوهان سان سنڌي ۾ ڳالهائي خوشي ٿي رهي آهي، آئون انهي شوق سان سنڌي پڙهندي ۽ ڳالهائيندي رهنديس. سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب کي سنڌي سکيا مرڪزن جي ڪوآرڊينيٽر شوڪت چاچڙ، استادن عبدالستار سروهي ۽ الاهي بخش اجڻ پڻ پنهنجا خيال ونڊيا.

# فيبروري کي ’سنڌي ٻولي_قومي ٻولي‘ جاڳرتا جو مهينو ڪري ملهائڻ جو اعلان:

## علمي، ادبي ۽ سماجي تنظيمن جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي







سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران فيبروري جي مهيني کي ”سنڌي ٻولي، قومي ٻولي جاڳرتا مهم“ طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. هن مهم کي گڏيل طور ملهائڻ لاءِ 23 جنوري 2025ع تي سنڌ جي علمي ادبي ۽ سماجي تنظيمن، سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن، عالمن، اديبن، ٻولي ماهرن، استادن ۽ ميڊيا سان لاڳاپيل ماڻهن جي مشاورتي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي. گڏجاڻيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت، سگا، استاد تنظيمن سپلا، گسٽا ۽ مختلف يونيورسٽين جي سنڌي شعبن جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي.

جاڳرتا مهم جي مقصدن بابت آگاهي ڏيندي، سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته 'پاڪستان جي آئين موجب صوبن کي اختيار ڏنو ويو هو ته اهي اردو ٻوليءَ جي اهميت کي برقرار رکندي، پنهنجين ٻولين جي بچاءُ، ترقيءَ ۽ واهپي کي هٿي وٺائڻ لاءِ پاليسيون جوڙين. سنڌ اسيمبلي ان ڏس ۾ اهم بل ۽ ٺهراءُ پاس ڪري چڪي آهي. ٻه سال اڳ سنڌ اسيمبلي مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ٺهراءُ پاس ڪيو هو ته سنڌيءَ سميت پاڪستان جي مک ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي، اسان سنڌ اسيمبليءَ جي ان ٺهراءَ کي آڌو رکي هيءَ جاڳرتا مهم شروع ڪري رهيا آهيون، ته جيئن سنڌيءَ سميت سمورين مک ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏياري سگهجي. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ انفرادي طور جدوجهد ٿيندي رهي آهي، پر اسان چاهيون ٿا ته هن سال فيبروري جي مهيني کي هن مهم سان منسوب ڪندي، سڀ فورم، ادارا ۽ پنهنجي مادري ٻوليءَ سان محبت ڪندڙ سمورا ماڻهو هن مهم جو حصو بڻجن ۽ هيءَ مهم پنهنجي ٻوليءَ سان محبت جي هڪ تحريڪ بڻجي وڃي. ڊاڪٽر اسحاق وڌيڪ چيو ته اسان جي خواهش آهي ته پاڪستان جي هر ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ طور تسليم ڪيو وڃي، پر جيستائين ائين ٿئي، تيستائين مک ٻولين کي قومي ٻوليءَ طور تسليم ڪرائي، صوبائي اسيمبلين کي وڌيڪ ٻولين کي قومي ٻوليءَ طور شامل ڪرائڻ لاءِ بل پاس ڪري، قومي ٻولين جي فهرست ۾ نيون ٻولين کي شامل ڪرائڻ جو آئيني اختيار ڏيارڻ لاءِ آواز اٿارڻ جي ضرورت آهي. هن ٻڌايو ته 10 سال اڳ هن ئي اداري جي ڪوشش سان مادري ٻولين کي قومي ٻولي بڻائڻ جو بل ٻه ڀيرا سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ تائين پهچايو ويو، پر اُتي لاڳاپيل اعتراض واري اهو بل رد ڪري واپس موٽايو ويو.



ادارا اڪيلي سر لکپڙهه ته ڪري سگهن ٿا پر سماجي سجاڳيءَ لاءِ سيني ادارن ۽ ساڃاهه وندن کي پنهنجو ڪردار نڀائڻو پوندو. هن اعلان ڪيو ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو هن مهم جو ميزبان آهي، پر اها مهم گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ سمورا ادارا گڏجي هلائيندا ۽ ان ڏس ۾ ضلعي سطح تي اديبن، وڪيلن، صحافين ۽ تعليمي ماهرن تي ٻڌل ’سنڌي ٻولي پرچار ڪميٽيون‘ جوڙيون وينديون، جيڪي مستقل طور خانگي اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي پڙهائڻ واري عمل کي جاچينديون رهنديون ۽ شهري ادارن سان ميل ملاقاتون ڪري کين ٻوڌين، ميل پٽرن تي اردو ۽ انگريزيءَ سان گڏ سنڌي ٻولي پڻ لازمي طور لکڻ لاءِ لکپڙهه ڪنديون ۽ ادارن جي سربراهن سان ملاقاتون ڪنديون. هن چيو ته سنڌ واحد صوبو آهي جنتي پاليسيون ته ٺهيل آهن، پر انهن تي عمل نه پيو ٿئي. انهن تي عمل لاءِ سماجي سجاڳي ۽ مثبت دٻاءُ پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ناليواري دانشور جامي چانڊيي چيو ته ”ملڪ ٺهڻ کان وٺي هڪ قوم ۽ هڪ قومي ٻوليءَ جو ورد هلي رهيو آهي، جيڪو غير منطقي آهي. پاڪستان گهڻ ٻوليائي ملڪ آهي، ان ڪري هتي به وفاقي رياستن وانگر هڪ ئي وقت گهڻين ٻولين کي قومي ٻوليءَ جو درجو ملڻ گهرجي. ان ڪري ان ڪري اسان کي پنهنجي ان حق لاءِ ڪوشش جاري رکڻي پوندي، هن چيو ته گڏيل قومن ۾ 194 ملڪ ميمبر آهن، جن مان 29 ملڪ وفاقي حيثيت رکن ٿا ۽ وفاقي ملڪ لاءِ وڏي آبادي، وڏي جاگرافي ۽

گهڻ قومي ۽ گهڻ لساني اصول بنياد هوندا آهن. پر پاڪستان دنيا جو واحد وفاقي ملڪ آهي، جتي سرڪاري طور هڪ قوم ۽ هڪ ٻوليءَ جو نظام رائج آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ سنڌي دفتري ٻولي قرار ڏنل آهي، ان تي عمل ڪرائڻ ۽ بنيادي تعليم سنڌي ٻوليءَ ۾ لازمي ڪرائڻ لاءِ جاڳرتا مهم بهتر نتيجا ڏئي سگهي ٿي. هن جاڳرتا مهم ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن تي دٻاءَ وجهڻو پوندو ته ٻولين جي قبوليت کي ممڪن بڻائن.

سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سيڪريٽري جنرل نور چاڪراڻيءَ چيو ته "ٻولي اسان سڀني لاءِ سڀ کان بنيادي معاملو آهي. ان لاءِ اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. وفاق ۾ شامل ايڪائين مان هر هڪ جي مڪ ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ هن مهم جو مقصد هئڻ گهرجي. هن چيو ته اسان اڳ به هڪ هفتو اها مهم هلائي چڪا آهيون، پر هن جاڳرتا مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ سنڌي ادبي سنگت جي سمورين 228 شاخن کي چونداسين ته هر شاخ 'سنڌي ٻولي قومي ٻولي' جي عنوان هيٺ سرگرميون ڪري

گسٽا سنڌ جي صدر اشرف خاصخيليءَ چيو ته "جيڪو اسان جي وس ۾ آهي، پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ضرور ڪرڻ گهرجي. گسٽا پاران هن مهم کي ڀرپور نموني ملهايو ويندو. هن چيو ته سنڌ جي چيف سيڪريٽريءَ کي خط لکيو ويو ته اهو سمورن ڊپٽي ڪمشنرن کي پابند بڻائي ته اهي پنهنجو ڪاروهنوار سنڌي ٻوليءَ ۾ هلائن."

ناليواري اديب تاج جويي چيو ته "2010ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي ميزباني هيٺ محمد ابراهيم جويي جي سربراهيءَ ۾ ٺهيل قومي ٻوليءَ واري مسودي کي به پيرا سينيٽ جي ڪميٽيءَ ۾ پهچايو ويو پر اهو رد ڪيو ويو. ان ڊرافٽ ۾ ترميم ڪري ٻيهر هن مهم جو حصو بڻايو وڃي ۽ سينيٽ ۾ پيش ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته اڳ ۾ ايف آئي آر به سنڌيءَ ۾ لکي ويندي هئي، پر هاڻ ڀراڙيءَ جي علائقن ۾ به ايف آئي ار سنڌيءَ ۾ نٿي لکي وڃي.

ناليواري محقق ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ چيو ته "سنڌ ۾ حڪمرانن ۽ ڪامورن کان ويندي پڙهندڙ توڙي پڙهائيندڙ اڪثريتي سنڌي آهن، ان جي باوجود سماج ۽ تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال سواليه نشان بڻيل آهي، خانگي اسڪولن جي ڊائريڪٽوريٽ پاران خط لکڻ باوجود سنڌي نٿي پڙهائي وڃي، ان تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڪميٽيون جوڙيون وڃن. هن تجويز ڏني ته سنڌي ٻولي پڙهائيندڙ استادن SLTs جون آساميون وڌائڻ لاءِ تعليم کاتي کي خط لکيو وڃي. ان موقعي تي ڊاڪٽر تهمينه مفتي چيو ته "1972 جي بل ۽ 1990ع جي ترميمي ايڪٽ ۾ سنڌي ٻولي لازمي قرار ڏنل آهي، 2005ع ۾ به تعليمي ادارن کي پابند ڪيو ويو پر خانگي اسڪولن ان تي عمل نه ڪيو. اهڙن اسڪولن جا لائسنس رد ڪرڻ گهرجن ۽ مٿن ڏنڊ وجهڻ گهرجي. بدقسمتيءَ سان سنڌ يونيورسٽيءَ جي سوشل سائنس جي اڪثر شعبن سنڌي لازمي پڙهائڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو جتي نوي سيڪڙو کان به مٿي سنڌي استاد ۽ شاگرد آهن. ڊاڪٽر شير مهراڻي ڳالهائيندي چيو ته "قومي ٻولين جو مطالبو وفاقي ايڪائين جي بنياد تي نه بلڪ تاريخي تناظر ۾ ڪيو وڃي ۽ ان لاءِ تاريخي حوالا ڏنا وڃن. هن چيو ته ڪراچيءَ ۾ ٻارهين ڪلاس ۾ سنڌيءَ جي چونڊ وارو خانو ئي موجود ناهي. سمورين يونيورسٽين سنڌي ڪمپلسري (لازمي) جي چونڊ جو حق هر شعبي جي شاگرد کي هئڻ گهرجي، پر ايئن ناهي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جي استاد ۽ محقق ڊاڪٽر فياض لطيف چيو ته "ٻولي جاڳرتا مهم کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ عام ماڻهن کي شامل ڪرڻ ضروري آهي، جنهن سان ماڻهن ۾ ٻوليءَ جي مالڪيءَ جو احساس وڌندو. ان کان سواءِ ڪوشش ڪريون ته جتي به هجون، پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهايون.

ناليواري شاعر علي آڪاش چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري کي سرڪاري اختيار حاصل آهن، جيڪا خانگي اسڪولن تي نظر رکڻ توڙي مارڪيٽ جي ٻوليءَ جاچڻ لاءِ ڪاميٽيون جوڙي سگهي ٿي. ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ آئيني ترميم جي ضرورت پوندي، جنهن لاءِ ماحول ٺاهڻو پوندو. مان ان حق ۾ آهيان ته پهرين هر صوبي جي هڪ مکيه ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ مهم هلائجي، جيئن سنڌ اسيمبلي به ٺهراءَ پاس ڪيو آهي. نامياري قانوندان سليمان ڏاهريءَ چيو ته سنڌي ٻوليءَ جو ادارو ٻوليءَ جي تحفظ ۽ ترقيءَ لاءِ مهم هلائي رهيو آهي، ۽ اسان جو به فرض ٿئي ٿو ته ان جي ڪاميابيءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون. ناليواري شاعر علي دوست عاجز چيو ته "ٻوليءَ جو فڪر هر سنڌي ڳالهائيندڙ کي هجڻ گهرجي. جهڙيءَ ريت سنڌي ماڻهن کي ٻوليءَ جو اونو آهي، ٻين قومن ۽ صوبن ۾ به ايئن هجي ها ته هي مسئلو حل ٿي چڪو هجي ها. سگا اڳواڻ پروفيسر خالد چنا چيو ته "سگا، پنهنجي آئين موجب سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ۽ ترقيءَ لاءِ پڻ جاکوڙيندي رهي آهي، ان سلسلي ۾ هر سال سيمينار، ڪانفرنسون ۽ پروگرام ڪرائڻ سان گڏ هر ڪاروائي سنڌيءَ ۾ هلائي ويندي آهي. ٻوليءَ بابت جاڳرتا مهم دوران سگا هر مرحلي تي گڏ هوندي. هن چيو ته ٻوليءَ مهم ۾ چونڊيل نمائندن کي پڻ شامل ڪرڻ گهرجي.

اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش گڏجاڻيءَ جي ڪاروائي هلائيندي چيو ته "اداري پاران مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن کي ڀرپور نموني ملهايو ويندو. گڏجاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر مهر خادم، ادريس جتوئي، انور منصور مگريي، عامر لطيف صديقي، سپلا اڳواڻ عبدالعليم درس، پروفيسر بينظير جوڻيجو، عبدالقيوم شيخ شوڪت چاچڙ ۽ ٻين پڻ ويچار ونڊيا.
























## ڪيشلداس 'فاني'

# ٻهڳڻ ٻولي تون جيجل...

او منهنجي ٻهڳڻ ٻولي تون جيجل لک مائن جي ماءُ،
تنهنجي ٻولن جو ٻنڌڻ ۾ پهتو پيار پريو پرلاءُ

تنهنجي ٻوليءَ جي لفظن ۾ ڀريون پيار پڪاريو،
هڪ هڪ حرف هلي هردل جي تارن کي والاريو،
توسان منهنجو موهه جڏهن کان سالم هو نه سماءُ ... جيجل

سون اديبن عام عقل سان تنهنجي گود سينگاري،
هردم تنهنجي گلشن ۾ آ قائم بوءِ بهاري،
تنهنجي گل غنچي ۾ ڦليو هر هنڌ آهه هڳاءُ ... جيجل

جنهن يومِيءَ تي جنم لهي تو جنم ڏنو جذبن کي،
تن جذبن ۾ جاءِ ڪٿي هئي فتنن يا فرقن کي،
جيءَ ۾ جاءِ ڏيئي ڏارين سان سڪ جو ڪيئه ورتاءُ ... جيجل

سور پريل سسئيءَ جا تو ۾ مومل جو مرجهائڻ،
سهڻيءَ جي سڪ، مارن جي ڇڪ ليلان جو ليلائڻ،
نوريءَ جي نئڙت نڪتن سان تو ريجهايو راءُ ... جيجل

طوفانن جي ضد ۾ مون هت تنهنجي جوت جاڳائي،
رام، شيام، دلگير، دڪايل تنهنجي مهما ڳائي،
شاهه، سچل، سامي جو ڦليو هت شهرت جو شعاءُ ... جيجل

جيجل تنهنجي جيوت هت آ سڀ کي ساهه سمان،
تنهنجي آهه زبان اسان لئه واليءَ جو وردان،
"فاني" تنهجي پيار ۾ پوندو ڪيئن گهاريءِ گهاءُ ... جيجل



## چيٽ جي پي ٽيءَ کان پڇيل سوال

# سنڌي ٻوليءَ جي تدريس: روايتي ادبي ڌارا يا جديد علمي تقاضائون؟

### يونيورسٽين اندر قائم سنڌي شعبن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪهڙا سڌارا آڻي سگهجن ٿا



امر فياض ٻرڙو

**مصنوعي ذهانت جو جواب هن ريت مليو:**

سنڌ جي پبلڪ يونيورسٽين ۾ "ڊپارٽمينٽ آف سنڌي لئنگئيج اينڊ لٽريچر" قائم آهن، جتي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تدريس ڪئي وڃي ٿي. عام طور تي، هنن شعبن ۾ پڙهائيندڙ استاد شاعر، ڪهاڻيڪار، يا ادبي ماهر هوندا آهن، جن جو پي ايڇ ڊي تحقيقي ڪم به شاعري، ڪهاڻي، يا ٻين ادبي پهلوئن تي ٻڌل هوندو آهي. هيءَ صورتحال ڪجھ سوالن کي جنم ڏئي ٿي: ڇا اهڙي تدريس سان سنڌي ٻوليءَ جي جديد سطح تي واڌاري جا امڪان آهن؟ يا ان جو ڪو نقصان ٿيندو؟

**روايتي تدريس جا فائدا ۽ نقصان:**

سنڌي ادب تي ٿيل تحقيق، شاعري، ۽ ڪهاڻين تي ڪم ٻوليءَ جي تخليقي ترقيءَ لاءِ اهم آهن. اديب ٻوليءَ کي نوان روپ ڏيندا آهن، ان جي جمالياتي حُسن کي وڌائيندا آهن، ۽ سماجي مسئلن کي ادب ذريعي اجاگر ڪندا آهن. پر ساڳئي وقت، جيڪڏهن ٻوليءَ جي تدريس صرف ادبي رخ ۾ هلي ته ان جا ڪيئي نقصان ٿي سگهن ٿا:

1. لسانيات ۽ جديد سائنس کان لاتعلقي: سنڌي ٻوليءَ جي تدريس ۾ لسانيات، سيميٽڪس، فونيٽڪس، computational linguistics، يا artificial intelligence جا پهلو شامل نہ ٿين تہ ٻوليءَ جي علمي ترقي محدود ٿي سگهي ٿي.

2. ٽيڪنيڪل اصطلاحن ۽ جديد علم جي کوٽ: جديد سائنس، ٽيڪنالاجي، ميڊيا، ۽ ڪاروبار سان لاڳاپيل سنڌي اصطلاح ۽ ٻوليءَ جي نئين سر واڌاري تي ڌيان نہ هجڻ سبب سنڌي ٻوليءَ جي استعمال جا ميدان گهٽ ٿين ٿا.

3. تحقيقي تنوع جي کوٽ: جيڪڏهن تقريبن سمورا پي ايڇ ڊي مقالا صرف شاعري، نثر، يا قديم ادب تي ٿيندا تہ سنڌي ٻوليءَ جي سماجي، سائنسي، ۽ نظرياتي وسعت محدود ٿي ويندي.

**جدت لاءِ ضروري قدم:**

1. لسانيات ۽ جديد علم جي شموليت: سنڌي ٻوليءَ جي تدريس کي لسانيات، computational linguistics، artificial intelligence، ۽ ٻين سائنسي شعبي سان ڳنڍڻ گهرجي.

2. سنڌي ٻوليءَ ۾ نوان اصطلاح ۽ ٽيڪنيڪل لغتون تيار ڪرڻ: يونيورسٽين کي سنڌي اصطلاحن جي تحقيق، جديد سائنسي موضوعن جي ترجمي، ۽ نون ڪتابن تيار ڪرڻ لاءِ خاص سيڪشن ٺاهڻ گهرجن.

3. تحقيقي موضوعن جي وسعت: پي ايڇ ڊي ۽ ماسٽرز جي تحقيق کي شاعري ۽ نثر کان ٻاهر وڌائي سوشيالاجي، فلسفي، ٽيڪنالاجي، ۽ ٻين جديد موضوعن ڏانهن وٺي وڃڻ گهرجي.

4. آن لائين سنڌي تدريس ۽ جديد اوزارن جو استعمال: سنڌي ٻوليءَ جي تدريس لاءِ e-learning، language processing tools، ۽ آن لائن ڪورس متعارف ڪرايا وڃن.

**نتيجو:**

سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي تدريس تمام ضروري آهي، پر جيڪڏهن يونيورسٽيون رڳو روايتي ادبي رخ تي ڌيان ڏينديون تہ ٻوليءَ جي جديد ترقي رُڪجي ويندي. ضرورت آهي تہ لسانيات، جديد علم، ۽ ٽيڪنيڪل موضوعن کي سنڌي ٻوليءَ جي تدريس ۾ شامل ڪيو وڃي تہ جيئن سنڌي ٻولي عالمي سطح تي سگهاري ٿي سگهي. يونيورسٽين کي روايتي تدريس کان ٻاهر نڪري، ٻوليءَ جي جديد مطالعي ۽ لاڳو سائنسن کي بہ پنهنجي نصاب جو حصو بڻائڻ گهرجي.

## نيشنل هاءِ وي اٿارٽيءَ پاران سنڌيءَ ۾ ميل پٿر لڳرائڻ جي شروعات

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران گذريل ايڪائي سالن دوران هر ان اداري سان رابطو ۽ لکپڙهہ ڪئي وئي آهي، جن جو واسطو سنڌ اندر ٻوليءَ جي واهپي ۽ نماءَ سان آهي. نيشنل هاءِ وي اٿارٽيءَ کي بہ مسلسل لکيا ويا تہ اهي سنڌ جي مُک روڊن تي لکيل ڏس ڏيندڙ پٿرن، بورڊن ۽ پلين وغيره تي اردو ۽ انگريزيءَ سان گڏ سنڌي پڻ لازمي طور لکن. جنهن اسان کي نہ رڳو لکت ۾ خاطري ڪرائي ۽ پنهنجي واعدي موجب پهرئين مرحلي ۾ سکر ۽ حيدرآباد روڊ تي لڳل ميل جي پٿرن تي شهرن جا نالا سنڌي ٻوليءَ ۾ لکرايا آهن.













اسان اميد ڪريون ٿا تہ سنڌ اندر ڪم ڪندڙ سمورا وفاقي ۽ صوبائي کاتا پنهنجن پنهنجن کاتن ۽ شعبن ۾ پنهنجي وطن جي هن عظيم ۽ تاريخي ٻوليءَ کي ساڳيو مان ڏيندا ۽ ان کي هرهنڌ تي جائز حيثيت سان لکندا.

# سنڌ جون مرندڙ ٻوليون بچائڻ لاءِ ڀانهن ٻيلي ٿيو

## ڇا اوهان کي خبر آهي؟

- دنيا ۾ هر چوڏهين ڏينهن هڪ ٻولي مري رهي آهي !
- هلندڙ صديءَ جي پوري ٿيڻ تي دنيا جي 7000 ٻولين مان 3000 کن ٻوليون مڪمل طور مري وينديون!
- انهن مرندڙ ٻولين ۾ 26 ٻوليون پاڪستان جون آهن!
- انهن 26 ٻولين مان ٻه تڪڙيون مرندڙ ٻوليون **’اَئر‘** ۽ **’ڀايا‘** سنڌ جون آهن!

## سنڌ جي خطري هيٺ آيل ٻولين ’ڀايا‘ ۽ ’اَئر‘ جي ڳالهائيندڙن جي نشاندهي ڪريو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو سنڌ جي قديم ٻولين 'ڀايا' ۽ 'اَئر' کي دستاويزي صورت ڏيڻ گهري ٿو، ته جيئن ڇاڙايل ٻولين جي لفظي ذخيري، انهن ۾ موجود لوڪ ادب، پهاڪن، چوڻين، ڳيچن ۽ آکاڻين کي محفوظ ڪري سگهجي.

جيڪڏهن اوهان ڇاڙايل ٻولين جا ڳالهائيندڙ آهيو يا اهي ٻوليون ڳالهائيندڙ قبيلن/ذاتين بابت ڄاڻو ٿا ۽ انهن جي ڳوٺن/وسندين جي اوهان کي خبر آهي ته انهن تائين پهچڻ ۾ اسان جا ڀانهن ٻيلي ٿيو.

ڇو ته سنڌ جي قديم فڪري، احساساتي، تخليقي ۽ لساني حسن ۽ ورثي کي محفوظ ڪرڻ سان ئي اسان پنهنجي اصل کي ڄاڻي سگهون ٿا.


www.sindhila.org
Email: contact@sindhila.edu.pk
رابطو: 0333-2746344
022-9240050-3
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد

# CALL FOR PAPERS

## تحقيقي مقالي جو تت موڪلڻ جي دعوت

3rd INTERNATIONAL SINDHI LANGUAGE CONFERENCE 2025

ٽين عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس 2025ع

## ٽين عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس 2025ع
## سنڌي ٻولي، سنڌو لکت ۽ مادري ٻولين جا سماجي ثقافتي رُخ
## Sindhi Language, Indus Script and the Socio-cultural Perspectives of Mother Languages

**3-4 مئي 2025ع**

ٻولي هڪ سماجي ثقافتي لقاءُ آهي. اهو مختلف هيئتن ۽ تناظرن وسيلي جڙي ٿو ۽ اظهاريو وڃي ٿو، جن ۾ ڄاڻ، سماجي عمل، تاريخ، بحث مباحثا، نظريا، صنفون ۽ گهاڙيٽا، آکاڻيون، فڪشن، فلم، لوڪ ورثو، شاعري، ڳيچ، گيت، نصابي ڪتاب ۽ تحريرن ۽ تقريرن جون لاڳاپيل مشقون شامل آهن. انهيءَ جو دائرو آتم ڪٿائن ۽ سوانح عمرين کان سائنسي رسالن ۽ جريدن توڙي صحافت ۽ اشتهارن تائين ٻـ پکڙيل آهي.

ٻوليءَ جو سماجي ثقافتي تناظر انهيءَ ڳالهه جي جامع سمجهه فراهم ڪري ٿو تہ ٻوليون ڪهڙيءَ ريت عمل ۾ اچن ٿيون، نمائندگي ڪن ٿيون، تبديلين مان گذرن ٿيون، ۽ پنهنجو تسلسل برقرار رکن ٿيون. اهو تناظر، خاص طور، تڏهن واسطيدار هوندو آهي، جڏهن خطري هيٺ آيل مادري ٻولين کي بحث هيٺ آڻبو آهي.

اڄوڪن جديد سرمائيدار سماجن ۾ ٻولين جي سماجي اپت يا پيداوار ۽ ڄاڻ غير هموار آهي، جنهن جو نتيجو اصلوڪين توڙي مادري ٻولين وچ ۾ اڻبرابري پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ نڪتو آهي. اها صورتحال انهيءَ مسئلي کي نمايان ڪري ٿي تہ طاقت جي تاجي پيٽي ۽ ڀڻ سرپرستيءَ ۽ مالڪيءَ جي سرشتي کيسمجهجي تہ جيئن مادري ٻولين کي محفوظ ڪري سگهجي ۽ تن کي اوسر ڏياري سگهجي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 2025ع ۾ ساليانی ٽين عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس ڪرائي پئي وڃي، جيڪا تاريخ 3 ۽ 4 مئي 2025ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيندي. ڪانفرنس جو محور هيٺيان سوال ۽ موضوع هوندا:

•مادري ٻولين جي سماجي ثقافتي تناظرن کي مختلف ادارا، تنظيمون، عملَ، پاليسيون ۽ عنصرَ، تعليم، تدريس، اسڪول ۾ پڙهائي، ادب، ثقافت، سڃاڻپ، نظريا، ساڃهه وندن جي ڄاڻ سميت ڪهڙيءَ ريت سمجهن ٿا.

•ڪيئن سماجي لسانيات ٻوليءَ ۽ ادب جو اڀياس، بحث مباحثو ۽ ثقافتي اڀياس، علم الانسان ۽ تاريخ مادري ٻولين جي گهڻ پاسائين ڄاڻ فراهم ڪن ٿا.

اسين عالمن ۽ محققن کي اها دعوت ٿا ڏيون تہ اُهي 300 لفظن تي ٻڌل مقالي جو تت، 150 لفظن تائين محدود مختصر زندگيءَ جي احوال سان گڏ، پهرين مارچ 2025ع تائين هيٺين اي ميل تي ڏياري موڪلين: Conference@sindhila.edu.pk

## ڪانفرنس جا موضوع:

- سنڌي ٻولي، ادب ۽ تعليم جي ترقي ۽ تنهن کي درپيش مسئلا
- سنڌي ٻولي ۽ ادب: آبادي، نوجوان، تعليم ۽ اسڪولَ
- سنڌو لکت
- پاڪستان جي مادري ٻولين جي ترقيءَ ۽ واڌاري ۾ رڪاوٽون
- ترجمي وسيلي جديد علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تهذيبي ڄاڻ کي مادري ٻولين جي صورت ڏيڻ ۽ تنهن کي علمي طور اختيار ڪرڻ
- ابلاغ جي جديد وسيلن تي ٻڌل اهڙي گڏيل تحقيق، ناٽڪ، فلم، ٿيٽر، راڳ، ساز سُرود، لوڪ قصن، عجائب گهرن، قديم آثارن ۽ اخبارن جي مادري ٻوليءَ سان هم آهنگي
- ڊجيٽل انساني علمَ ۽ ٻولي- آءِ ٽي، مصنوعي ذهانت، ابلاغي ذريعا، آنلائين پورٽلَ، متن تيار ڪندڙَ (content creators) ۽ مادري ٻولين جو آئيندو.
- مادري ٻولين لاءِ قومي ۽ عالمي پبلڪ پاليسيءَ وارا هٿي ڏيندڙ نظام
- مادري ٻولين جي تحفظ لاءِ اصلوڪو تحرڪ، تحريڪون ۽ ادارا
- صنف (Gender) ۽ ٻولي
- عورتازاد آواز ۽ نمائندگي
- پاڪستان ۾ صوفي ازم ۽ مادري ٻوليون
- ٻيٺڪي تاريخ، طاقت/اختيار ۽ مادري ٻوليون
- سياسي نظريا
- جنگ ۽ قتل عام جي وقتن ۾ ٻوليءَ جو اوزار طور واهپو
- سماجي ثقافتي عمل ۽ مشق جي حيثيت ۾ ٻولي- يعني مادري ٻولين ۾ ترجمي جا ڪم.

## خاص تاريخون:

مقالي جو تت جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 31 مارچ 2025ع آهي.
مقالي جي قبوليت جو خط 10 اپريل 2025ع تي جاري ڪيو ويندو.
ڪانفرنس 3 ۽ 4 مئي 2025ع تي ٿيندي.

**هنڌ ۽ سهڪار: آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان، ڪراچي**

## ڪانفرنس ڪميٽي

**سرپرست اعليٰ**

**پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجو**
چيئرپرسن
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

**ڪانفرنس جو سيڪريٽري**

**ڊاڪٽر رفيق وساڻ**
اينٿراپالاجسٽ، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

https://sl.sindhila.org/ | Conference@sindhila.edu.pk | 022-9240050-3 | +92 333 2746344